Silah Rehmi

صِلهءرحمي

هفتيوار سُنتن پريبي اجتماع
۾ ٽين وارو سُنتن پريو بيان

Books.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

صِلۂ رحمي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

دُرودِ پاڪ جي فضيلت

مني مني آقا، مڪي مدني مُصطَفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان عاليشان آهي: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب مان جلدي نجات ماڻڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهيا هوندا.[1]

پڑھتا رہوں کثرت سے دُرُود اُن پہ سدا مَیں
اور ذِکْر کا بھی شوق پئے غَوث و رضا دے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

[1] ... فردوس الاخبار، ج۲/۴۷۱، حديث ۸۲۱۰

www.dawateislami.net

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻِ مدني گُل: (1) بغير سني نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سنيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڃائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڏِکو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳِتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون به نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 **سورة النحل** آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ

www.dawateislami.net

”ترجمو کنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهه ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوْا عَنِّيْ وَلَوْ آيَة يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ۞ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ۞ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّهه رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڏاکو ويهارڻ مقصود ٿيو نه ڳالهائڻ کان بچندس ۞ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏيارينديس ۞ ٿهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ۞ نظر جي حفاظت ٻٽائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

رشتيدار طرفان جڏهن سخت ڏک پهتو

اميرُالمُؤمنين حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي پنهنجي غريب ماسات ۽ نادار بدري صحابي حضرت سيدنا مِسطَح رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جنهن جو خرچ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کڻندا هئا، ان کان سخت رنج پهتو ۽ اهو هي ته ان اوهان رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي پياري ڌيءَ يعني اُمُّ المُومنين حضرت سيدتنا عائشه صديقه رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهَا تي تهمت (يعني بهتان) لڳائڻ وارن سان مُوافقت ڪئي يعني انهن جو ساٿ ڏنو، انهيءَ ڪري پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ (سيدنا مِسطح بن أثاثه کي) خرچ نه ڏيڻ جو قسم کنيو، ان تي سيپاري 18 سورةالنُّور جي آيت نمبر 22 نازل ٿي:

وَ لَا يَاْتَلِ اُولُوا الْفَضْلِ مِنْكُمْ وَ السَّعَةِ اَنْ يُّؤْتُوْۤا اُولِي الْقُرْبٰى وَ الْمَسٰكِيْنَ وَ

ترجموکنزالايمان: ۽ قسم نه کڻن اهي جيڪي توهان مان فضيلت وارا ۽ گنجائش وارا آهن قرابت وارن ۽ مسڪينن

www.dawateislami.net

الْمُهٰجِرِيْنَ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ وَ لْيَعْفُوْا وَ لْيَصْفَحُوْا ؕ اَلَا تُحِبُّوْنَ اَنْ يَّغْفِرَ اللّٰهُ لَكُمْ ؕ وَ اللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿۲۲﴾

۽ الله جي راهہ ۾ هجرت ڪندڙن کي ڏيڻ جو، ۽ گهرجي تہ معاف ڪن ۽ درگذر ڪن ڇا توهان ان کي دوست نہ ٿا رکو تہ الله توهان جي بخشش ڪري ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

جڏهن هي آيت سيد عالم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڙهي تہ حضرت سيِّدُنا ابُوبَڪر صِديق رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ چيو: بيشڪ منهنجي آرزو آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ منهنجي مغفرت ڪري ۽ مان مِسطح (رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ) سان جيڪو سلوڪ ڪندو هيس ان کي بہ ڪڏهن موقوف (يعني بند) نہ ڪندس، پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ ان (مالي تعاون) کي جاري رکيو. (خزائن العرفان ص ٥٦٣ از نيکی کی دعوت ١٦٠)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! ڏنو اوهان! اَمِيْرُ الْمُؤْمِنِيْن حضرتِ سَيِّدُنا صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ پنهنجي ماسات (يعني پنهنجي ڪزن) حضرت سَيِّدُنا مِسطَح بن أُثَاثَہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان قطع تَعلّقي (يعني لاڳاپا ختم) ڪرڻ جو قسم کنيو هو پر جڏهن اها آيت سڳوري نازل ٿي تہ پاڻ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ رضاءِ الٰهي جي سبب حضرت سَيِّدُنا مِسطَح بن أُثَاثَہ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کي معاف ڪري ڇڏيو. غور ڪيو! جيڪڏهن اهڙو معاملو اسان سان ٿئي تہ اسان اهڙي ماڻهو سان ڳالهہ ٻولهہ، ميل ميلاپ ايستائين جو سلام دعا بہ ڇڏي ڏيندا آهيون، بلڪ اسان تہ ننڍين ننڍين ڳالهين تي مِٽ مائٽن سان لاڳاپا ختم ڪري ڇڏيندا آهيون، حسن سلوڪ يعني سني ورتاءُ کان پاسو ڪندا آهيون ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڇڏي ڏيندا آهيون اسان سيني کي گهرجي تہ غور ڪيون تہ خاندان ۾ ڪنهن ڪنهن سان اَڻبڻت آهي جڏهن پتو پئجي وڃي تہ جيڪڏهن شرعي عذر نہ هجي تہ هڪدم ناراض رشتيدارن سان ناهہ ۽ صلح جي ترڪيب شروع ڪيون، جيڪڏهن جُهڪڻو پوي تہ بيشڪ الله جي رضا جي لاءِ جهڪي پون، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

www.dawateislami.net

بلندي نصيب ٿيندي . فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: مَنْ تَوَاضَعَ لِلّٰهِ رَفَعَهُ اللّٰهُ يعني جيڪو الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ عاجزي ڪندو آهي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي بلندي عطا فرمائيندو آهي ۔ (شُعَبُ الْاِيمان ج٦ ص٢٧٦ حديث٨١٤٠) پنهنجي گهرن ۽ معاشري کي امن وارو بڻائڻ جي لاءِ پنهنجي عزيزن ۽ رشتيدارن سان سهڻو سلوڪ ۽ صلءِ رحمي جي عادت بڻايو ۽ جيترو ممڪن ٿئي قطع تعلقي کان بچڻ جي ڪوشش ڪيون، ڇوته ٻين گناهن جو وبال ته رڳو گناهه ڪرڻ واري ٿيندو آهي پر مائٽي توڙڻ جي نحوست سبب سڄي قوم رحمتِ الٰهي کان محروم ٿي ويندي آهي.

صِلِءِ رحمي جو قرآن ۾ حڪم

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي رشتيدارن، يتيمن، بي سهارن سان صلءِ رحمي ڪرڻ جو حڪم ڏنو اهي جيئن سپاري 21 سُوْرَةُ الرُّوْم جي آيت نمبر 38 ۾ ارشاد آهي:

فَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ ذٰلِكَ خَيْرٌ لِّلَّذِيْنَ يُرِيْدُوْنَ وَجْهَ اللّٰهِ وَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ

ترجمو ڪنزالايمان: پوءِ مائٽن کي انهن جو حق ڏيو ۽ مسڪينن ۽ مسافرن کي، اهو انهن لاءِ بهتر آهي جيڪي الله جي رضامندي گهرن ٿا، ۽ اهي ئي ڪامياب آهن.

مُفسّرِ شهير، حڪيمُ الاُمَّت مُفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن آيتِ سڳوري جي تحت فرمائن ٿا: اها آيت سڳوري سيني عزيزن جي حقن کي ادا ڪرڻ جو حڪم ڏئي رهي آهي، ان مان معلوم ٿيو ته هر عزيز جو حق آهي، ان ۾ سيئي عزيز شامل آهن، هن آيت مان اهو به معلوم ٿيو ته عزيزن رشتيدارن سان سهڻو ورتاء ۽ صدقو خيرات، نالي ڪڍائڻ، رسم و رواج

www.dawateislami.net

جي پابندي سبب نہ ڪري، صرف رب جي رضا جي لاءِ ڪري تڏهن ئي ثواب جو حقدار آهي.

هڪ ٻئي هنڌ اللهعَزَّوَجَلَّ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ اتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِیْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَ الْاَرْحَامَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلَیْكُمْ رَقِیْبًا

(پاره:۴، النساء:۱)

ترجموڪنزالايمان: ۽ الله کان ڊڄو جنهن جي نالي سوال ڪندا آهيو ۽ رشتن جو لحاظ رکو. بيشڪ الله توهان کي هر وقت ڏسي رهيو آهي.

مُفسّرِ شهير، حڪيمُ الاُمَّت مُفْتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَالٰی عَلَيْه هن آيتِ سڳوري جي تحت فرمائن ٿا: مسلمانن تي جيئن نماز، روزو حج زڪوٰة وغيره ضروري آهي، اهڙي طرح عزيزن جا حق ادا ڪرڻ بہ نهايت ضروري آهن، وڌيڪ ارشاد فرمائن ٿا: پنهنجن عزيزن، قريبن سان سنو ورتاء نهايت فائديمند آهي، دنيا ۾ بہ آخرت ۾ بہ ان سان زندگي، موت آخرت سڀ نهي ويندي آهي. (تفسيرِ نعيمی ، ج۴، ص۴۵٦)

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اللهعَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي مائٽن سان سهڻو سلوڪ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي،ان کي ائين سمجهو تہ حڪومتِ وقت جيڪڏهن ڪنهن ڪم کان منع ڪري ۽ ان جرم جي مُرتڪِب (يعني ان جرم کي ڪرڻ واري) کي سزا جو اعلان ڪري تہ ڪو سمجهدار ماڻهو ڄاڻي واڻي هن ڪم کي نہ ڪندو ۽ ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪندو، سوچيو تہ اسان دنياوي حاڪم جي منع ڪرڻ تي هڪ جرم کان گهبرايون پر رَبُّ الْعَالَمِين جيڪو اَحْكَمُ الْحاكمين آهي اسان جي نفعي ۽ نقصان جو مالڪ آهي، اسان جي زندگي ۽ موت جو مالڪ آهي، هڙي قدرت ۽ طاقت رکڻ واري ذات جي حڪمن جي برخلاف اسان ڪم ڪيون تہ اها ناداني آهي، صلِءِ رحمي جي ايتري تہ اهميت آهي جيڪڏهن رشيدارن سان سهڻو ورتاء نہ

www.dawateislami.net

ڪرڻ جو قسم ڪنيو تہ اهڙي صورت ۾ بہ صلہءِ رحمي ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ قسم جو ڪفارو ادا ڪرڻ پوندو.

قسم ٽوڙيو !

جيئن تہ حضرت سيدنا ابوالاَحْوص عَوف بن مالِک رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُمَا پنهنجي والد کان روايت ڪن ٿا: ان جا والد فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: يارسولَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ مان پنهنجي سوٽ (يعني چاچي جي پٽ) وٽ ڪجهہ گهرڻ جي لاءِ ويندو آهيان تہ هو مون کي ناهي ڏيندو، نہ ئي صلہءِ رحمي ڪندو آهي، پوءِ ان کي جڏهن منهنجي ضرورت پوندي آهي تہ مون وٽ ايندو آهي، مون کان ڪجهہ گهرندو آهي، مون قسم ڪنيو آهي تہ نہ ان کي ڪجهہ ڏيندس، نہ صلہءِ رحمي ڪندس، تہ حضور سراپا نور صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مون کي حڪم ڏنو تہ جيڪو ڪم سنو آهي اهو ڪر ۽ پنهنجي قسم جو ڪفارو ڏي. (سنن نسائي ص 619 حديث 3793)

منا منا اسلامي ڀائرو!هتي اها ڳالهہ بہ ذهن نشين رهي تہ جيڪڏهن ڪنهن ظلم طور ايذاء ڏيڻ، قطع تعلق ڪرڻ يا ڪنهن حق ادا نہ ڪرڻ بابت قسم ڪنيو تہ ان قسم کي ٽوڙي ان جو ڪفارو ڏيڻ پوندو ۽ ان قسم کي پورو ڪرڻ گناهہ آهي جيئن تہ...

سڀ کان وڏيڪ گناهہ

رحمتِ عالم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمان مُعَظَّم آهي جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي اهل جي باري ۾ان کي اَذِيَّت ۽ ضَرَر (يعني نقصان) پهچائڻ جي لاءِ قسم کڻي پوءِ بخدا ان کي نقصان ڏيڻ ۽ قسم پوروڪرڻ عنداللّٰه (يعني اللّٰه وٽ) وڏو گناهہ آهي ان کان جو هو ان قسم جي بدلي ڪفارو ڏي جيڪو اللّٰه تعاليٰ ان تي مقرر فرمايو آهي.

(بُخاری،کتاب الايمان والنذر،باب قول اللہ تعالٰی،۲۸۱/۴ ،حديث:٦٦٢٥)

www.dawateislami.net

مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان هن حديث شريف تحت فرمائن ٿا: يعني جيڪو شخص پنهنجي گهر وارن مان ڪنهن جو حق فوت (يعني حق تلفي) ڪرڻ جو قسم کڻي مثال طور هي ته مان پنهنجي ماءُ جي خدمت نه ڪندس، يا ماءُ پيءُ سان ڳالهه ٻولهه نه ڪندس، اهڙن قسمن جو پورو ڪرڻ گناهه آهي، ان تي واجب آهي ته اهڙا قسم ٽوڙي ۽ گهر وارن جا حق پورا ڪري، خيال رهي هتي هي مطلب ناهي ته هي قسم پورو نه ڪرڻ به گناهه، پر پورو ڪرڻ وڏو گناهه آهي بلڪ مطلب هي آهي ته اهڙو قسم پورو ڪرڻ وڏو گناهه آهي، پورو نه ڪرڻ ثواب آهي، هاڻي جئين ته الله تعالٰي جي نالي جي بي ادبي قسم ٽوڙڻ سان ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري ان تي ڪفارو واجب ٿيندو آهي، پر هتي قسم نه ٽوڙڻ وڏي گناهه جو سبب آهي . (مرأة المناجيح ج 5 ص 198 ملخصاً)

صِلۂ رحمي جو مطلب:

منا منا اسلامي ڀائرو!! صلۂ رحمي جي اهميت ته اسان ٻڌي ورتي صلۂ رحمي ڇا کي چئبو آهي، اچو ان جي وصف به ٻڌون ٿا: صلۂ جو لُغوِي معنيٰ آهي: اِيْصَالُ نَوْعٍ مِّنْ اَنْوَاعِ الْاِحْسَانِ يعني ڪنهن به قسم جي ڀلائي ۽ احسان ڪرڻ (الزواجر،١٥٦/٢) ۽ رِحْم مان مُراد قَرابت (مائٽي) رشتيداري آهي. (لسان العرب،١٤٧٩/١)بهارِ شريعت ۾ آهي صِلۂ رحم جي معنيٰ: رشتن کي ڳنڍڻ آهي يعني مائٽن سان نيڪي ۽ ڀلائي ڪرڻ. (بهارِ شريعت ـ ج٣،ص٥٥٨)

صَدْرُ الشَّريعه،بدْرُ الطَّريقه حضرت علّامه مولانا مُفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: سموري اُمّت جو هن تي اتفاق آهي ته صلۂ رحم واجب ۽ قطع رحم حرام آهي. حديثن ۾ مطلقاً (يعني بنا ڪنهن قيد جي) رشتيدارن سان صلۂ رحم (يعني سهڻي سلوڪ) جو حڪم آيو آهي، قرآن

www.dawateislami.net

شريف ۾ مطلقاً (يعني بنا ڪنهن قيد جي) ذوِي القُربيٰ (يعني قرابت وارو) فرمايو ويو پر هي ڳالهه ضرور آهي تہ رشتي ۾ جيئن تہ مختلف درجا آهن (ائين) صلہءِ رحم (يعني رشتيدارن سان سهڻي سلوڪ) جي درجن ۾ بہ فرق هوندو آهي، والدين جو مرتبو سڀ کان وڌيڪ آهي، ان کان پوءِ ذو رِحم مَحرم جو، (يعني اهو رشتيدار جنهن سان نسبي رشتو هجڻ سبب نڪاح هميشہ لاءِ حرام هجي) ان کانپوءِ باقي رشتيدارن جو. رشتيدار سان سلوڪ جون مختلف صورتون آهن، انهن کي هديو ۽ تحفو ڏيڻ، ۽ جيڪڏهن ان کي ڪنهن ڳالهه ۾ توهان جي اِعانت (يعني مدد) درڪار هجي تہ ان ڪم ۾ انهن جي مدد ڪرڻ، انهن کي سلام ڪرڻ، انهن جي ملاقات جي لاءِ وڃڻ، انهن وٽ اُٿڻ ويهڻ، انهن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، انهن سان مهرباني سان پيش اچڻ . جيڪڏهن هي شخص پرديس ۾ هجي تہ رشتيدارن وٽ خط موڪلي، انهن سان خط ۽ ڪتابت جاري رکي تہ جيئن بي تعلقي پيدا نہ ٿئي، ۽ ٿي سگهي تہ وطن اچي ۽ رشتيدارن سان ملي ڪري تعلق تازو ڪري، ائين ڪرڻ سان محبت ۾ اضافو ٿيندو (اڄڪلهہ جيئن تہ خط لکڻ جو رواج تمام گهٽ آهي ان ڪري فون يا انٽرنيٽ جي ذريعي بہ رابطي جي ترڪيب ٻڌائي سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ تہ مقصد پاڻ ۾ لاڳاپن کي برقرار رکڻ آهي، چاهي ڪنهن بہ طريقي سان رکجن) (بہار شريعت،٣/٥٥٨ ،حصہ١٦ملخصاً)

رشتيدارن سان لاڳاپا مضبوط ڪيو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پنهنجي رشتيدارن سان سهڻو ورتاء ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن سان لاڳاپن کي برقرار رکڻ انهن جي مدد ۽ خيرخواهي ڪرڻ، خوشي غمي ۽ ڏک رنج ۾ انهن سان گڏ هجڻ، تقريبن جي ڏينهن ۾ انهن کي دعوت ڏيڻ انهن جي دعوتن ۾ شرڪت ڪرڻ اهڙي طرح جا سڀ نيڪ ڪم صلہءِ رحمي ۾ شامل آهن. صلہءِ رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ)

www.dawateislami.net

ان جو نالو ناهي تہ جيڪو اهو سلوڪ ڪري تہ توهان بہ ڪيو، ائين ڪرڻ تہ حقيقت ۾ مُڪافاة يعني ادلو بدلو ڪرڻ آهي تہ جو ان جيڪا شيءِ اوهان کي موڪلي توهان بہ ان وٽ اها موڪلي، اهو توهان وٽ آيو توهان ان وٽ هليا ويا، حقيقت ۾ صلہءِ رحمي (يعني رشتيدارن سان سٺو سلوڪ) هي آهي تہ اهو ٽوڙي تہ توهان ڳنڍيو، اهي توهان کان جدا ٿيڻ چاهين ٿا، بي اعتنائي (يعني لاپرواهي) ڪندا آهن پر توهان ان سان مائٽي جي حقن جي رعايت (يعني لحاظ) ڪيو. (رَدُّالْمُحتارج۹ص۶۷۸،از نيکی کی دعوت،ص۱۵۸)

صِلِہءرحمي جي حقيقت:

نبي مڪرم ،نُورِ مجسَّم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ مُعظَّم آهي: رشتو ڳنڍڻ وارو اهو ناهي جيڪو اهو بدلو وٺي، پر ڳنڍڻ وارو اهو آهي جنهن سان رشتو ٽوڙيو وڃي تہ اهو ان کي ڳنڍي. (بخاری، کتاب الادب، باب ليس الواصل بالمکافی، حديث: ۵۹۹۱، ۹۸/۴) هڪ ٻي حديث شريف ۾ آهي انهن ماڻهن مان نہ ٿيو جيڪي اهو چوندا آهن جيڪڏهن ماڻهو اسان سان چڱائي ڪندا تہ اسان بہ چڱائي ڪنداسين ۽ جيڪڏهن ماڻهو اسان تي ظلم ڪندا تہ اسان بہ بدلي ۾ ظلم ڪنداسين، بلڪ پاڻ کي ان ڳالهہ جو عادي ناهيو تہ ماڻهو توهان سان چڱائي ڪن تہ توهان بہ انهن سان چڱائي ڪيو ۽ جيڪڏهن ماڻهو اوهان سان برائي ڪن تڏهن بہ توهان ظلم نہ ڪيو!

(ترمذی، کتاب البرو الصلة، باب ماجاء فی الاحسان والعفو،حديث: ۲۰۱۴، ۴۰۵/۳)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻئي ممبارڪ حديثون جيڪي اسان ٻڌيون، انهن مان معلوم ٿيو تہ صلہءِ رحمي جو صحيح مفهوم اهو آهي جو جيڪڏهن ڪو رشتيدار اسان کي محروم بہ ڪري تڏهن بہ اسان ان کي عطا ڪيون، جيڪڏهن ظلم ڪري تڏهن بہ اسان ان کي معاف ڪيون، اسان کي

www.dawateislami.net

گهرجي تہ جيڪڏهن اسان جا اهي رشتيدار جيڪي اسان کان رنل آهن، سالن کان ناتا ٽوڙي وينا آهن يا معمولي ڳالهہ تي ڳالهہ ٻولهہ بند آهي تہ اسان کي پاڻ انهن وٽ وڃي سمجهائڻ گهرجي ۽ معافي تلافي ڪرڻ گهرجي، اها حقيقت آهي تہ اهو سڀ اسان جي نفس کي نهايت ڏکيو لڳندو ۽ شيطان بہ ڪڏهن بہ پاڻ ۾ صلح ڪرڻ نہ ڏيندو ۽ اسان جي ذهن ۾ طرح طرح جا وسوسا وجهندو ”اسان ان جي گهر ڇو وڃون، جيڪو اسان جي گهر ۾ قدم رکڻ نٿو چاهي“ يا جيڪو اسان جي دعوت رد ڪري اسان ان جي دعوت ڇو قبول ڪيون“ جيڪو اسان جي ڪنهن تقريب ۾ اچڻ نہ چاهي اسان ان وٽ ڇو وڃون“ ”اسان هر ڀيري اڳتي ڇو وڌون؟ آخر ڪيترو جهڪون؟ وغيره وغيره اهڙي طرح جا ڪيئي وسوسا ذهن ۾ ايندا پر ياد رکو! اهو ئي امتحان جو وقت آهي جو اسان پنهنجي نفس جي ڳالهہ مڃي پنهنجي آخرت برباد ڪيون ٿا يا پنهنجي نفس تي جبر ڪندي اللہ عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جي پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي احڪامن تي عمل ڪري پنهنجي آخرت جي بهتري جو سامان ڪيون ٿا، ان ڪري همت ڪيو! شيطان جي مخالفت ڪيو ۽ صلۂ رحمي جو ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان پنهنجي ناراض مائٽن کي راضي ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو.

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ هڪ ڀيري سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون حديثون بيان ڪري رهيا هئا انهيءَ دوران فرمايائون: هر قاطعِ رحم (يعني رشتيداري ٽوڙڻ وارو) اسان جي محفل مان هليو وڃي، هڪ نوجوان اُٿي ڪري پنهنجي پڦيءَ وٽ ويو جنهن سان ان جو ڪيئي سالن جو پراڻو جڳهڙو هو، جڏهن ٻئي هڪ ٻئي سان راضي ٿي ويا تہ ان نوجوان کي پڦيءَ چيو: تون وڃي ان جو سبب پڇا ڪر تہ آخر ائين ڇو ٿيو؟ (يعني سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي اعلان جي حڪمت ڇا هئي؟) نوجوان حاضر ٿي جڏهن پڇا ڪئي تہ حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ فرمايائون تہ مون حضور انور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان هي ٻڌو

www.dawateislami.net

آهي: جنهن قوم ۾ قاطع رحم (يعني رشتيداري توڙڻ وارو) هجي ان (قوم) تي الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت نازل ناهي ٿيندي. (اَلزّواجِرُ عن اقتراف الكبائر ج 2 ص 153)

صِلِہ رحمي جا فضائل

اچو ترغيب جي لاءِ صلہ رحمي جي فضيلت بابت 3 فرمان مصطفيٰ ﷺ پڙهون ٿا:

1) جيڪو چاهي ٿو تہ ان جي رزق ۾ وسعت ڏني وڃي ۽ ان جي موت ۾ دير ڪئي وڃي تہ اهو صلہ رحمي ڪري. (بخاري، كتاب الادب، باب من بسط لہ فى الرزق۔۔، حديث: ۵۹۸۵، ۹۷/۴)

2) مائٽي ڳنڍڻ گهروارن ۾ محبت آهي، مال ۾ برڪت آهي، عمر ۾ واڌرو آهي. (ترمذى، كتاب البرو الصلة، باب ماجاء فى تعليم النسب،حديث: ۱۹۸۶، ۳۹۴/۳)

3) بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ قوم جي ڪري دنيا کي آباد رکندو آهي انهن جي سبب مال ۾ اضافو ڪندو آهي ۽ جڏهن انهن کي پيدا ڪندو آهي تہ انهن ڏانهن نہ وڻندڙ نگاهن سان نہ نهاريو، عرض ڪيو ويو يارسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ائين ڇو؟ فرمايائون: انهن کي پنهنجي مائٽن سان تعلق ڳنڍڻ جي ڪري. (المعجم الكبير، رقم ۱۲۵۵۶ ،ج۱۲ ،ص۶۷)

صلِہ رحمي ڪرڻ جا 10 فائدا

حضرت سيدنا فقيہ ابوالليث سمرقندي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ الْقَوِى فرمائن ٿا: صلِہ رحمي ڪرڻ جا 10 فائدا آهن: ۞ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا حاصل ٿيندي آهي ۞ ماڻهن جي خوشي جو سبب آهي ۞ ملائڪن کي خوشي ٿيندي آهي ۞ مسلمانن طرفان ان شخص جي واکاڻ ٿيندي آهي ۞ شيطان کي انهي سبب رنج ٿيندو آهي ۞ عمر وڌندي آهي ۞ رزق ۾ برڪت ٿيندي آهي ۞ وفات ٿيل آباء و اجداد (يعني مسلمان ماءُ پيءُ) خوش ٿيندي آهي ۞ پاڻ ۾ محبت وڌندي آهي ۞ وفات کان پوءِ ان جي ثواب ۾ اضافو ٿي ويندو آهي ڇوتہ

www.dawateislami.net

ماڻهو ان جي حق ۾ دعاءِ خير ڪندا آهن. (تَنبيهُ الغافِلين ص٣٧)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

قَطع رحمي جو سبب بدگُماني:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! واقعي صلِءِ رحمي يعني پنهنجن مائٽن سان سٺو ورتاءِ ڪرڻ سان عزت، شرافت، آخرت جي نجات ۽ رب العزت جي خوشنودي ۽ رزق ۽ عمر ۾ برڪت سان گڏوگڏ ڪافي برڪتون آهن، جڏهن ته تعلق ٽوڙڻ ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي ناراضي ۽ آخرت جي بربادي ۽ سان گڏوگڏ دنيوي نقصان به گهڻا آهن، عام طور رشتيداري ختم ٿيڻ جو سبب حسن ظن جي ڪمي ۽ بدگماني جي ڪثرت به آهي، افسوس اسان جي معاشري ۾ شڪ شبهن جي ڪري به هڪ ٻئي کان بدگماني ڪرڻ عام آهي. مثال طور اسان پنهنجي ڪنهن عزيز کي ڪنهن تقريب ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، پر اهو شرڪت نه ڪري سگهي ته ان جو نيڪ ناڪ نوٽيس ورتو ويندو آهي، خوب تنقيد ۽ غيبتون ڪيون ويندين ۽ ذهن بڻايو ويندو آهي ته جيئن ته ان اسان جي تقريب جو بائيڪاٽ ڪيو آهي ان ڪري اسان به ان جي ڪنهن تقريب ۾ شرڪت نه ڪنداسين ۽ ائين رڳو بدگماني جي ڪري ٻن خاندان ۾ اڻبڻت ٿي ويندي آهي ۽ اها دوري ايتري وڌندي آهي جو سالن تائين هڪٻئي کان پري رهندا آهن، حالانڪ اسان وٽ ڪو شريڪ نه ٿيو ته ان جي باري ۾ سٺو گمان رکڻ جا ڪئي رستا نڪري سگهن ٿا، مثلاً اهو نه اچڻ وارو بيمار ٿي ويو هجي، پلجي ويو هجي، ضروري ڪم اٽڪي پيو هجي، يا ڪا سخت مجبوري هجي جنهن جي وضاحت ان جي لاءِ دشوار هجي وغيره، اهو پنهنجي غير حاضري جو سبب ٻڌائي يا نه ٻڌائي؟ اسان کي حسنِ ظن رکي ڪري ثواب ڪمائڻ ۽ جنت ۾ وڃڻ جو ذريعو بڻائڻ گهرجي.

www.dawateislami.net

فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: حُسْنُ الظَّنِّ مِنْ حُسْنِ الْعِبَادَةِ يعني حسن ظن عمده عبادت آهي. (ابوداود ج 4،ص387 حديث 4993) مُفسّر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحَنّان هن حديث شريف جا مختلف مطلب بيان ڪندي لڪن ٿا: يعني مسلمانن کان سنو گمان ڪرڻ، انهن تي بدگماني نہ ڪرڻ هي بہ سني عبادتن مان هڪ عبادت آهي. (مرأةُ المناجيح ج 6 ص 621)

ڀ بالفرض اسان جو رشتيدار سُستيءَ سبب يا ڪنهن بہ سبب ڄاڻي واڻي اسان وٽ نہ آيو يا اسان کي ان دعوت نہ ڏني، بلڪ ڪُلّم ڪُلّا اسان سان بد سلوڪي بہ ڪئي تڏهن بہ اسان کي وڏو حوصلو رکندي تعلقات برقرار رکڻ گهرجن، حضرت سيدنا اُبي بن ڪعب رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي مديني جا سُلطان، رَحمتِ عالميان، سَروَرِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عظيم الشان آهي: جنهن کي هي پسند هجي تہ ان جي لاءِ (جنت ۾) محل بڻايو وڃي ڀ ان جا درجات بلند ڪيا وڃن، ان کي ڪپي تہ جيڪو ان تي ظلم ڪري هي ان کي معاف ڪري ڀ جيڪو ان کي محروم ڪري هي ان کي عطا ڪري، ڀ جيڪو ان سان قطع تعلق ڪري هي ان سان ناطو (يعني تعلق) جوڙي .
(المستدرک للحاکم ج 3 ص 12 حديث 3215)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! ڪڏهن ڪڏهن رشتيدارن سان لاتعلقي ڀ قطع رحمي جو سبب انهن کان ٿيندڙ معمولي غلطيون بہ هونديون آهن، اسان جو ڪو مائٽ جيڪڏهن ڀل ۾ ڪا ڳالهہ ڪري يا ڪو اهڙو ڪم ڪري جيڪو اسان جي دل آزاري جو سبب بڻجي تہ اسان پنهنجي عيبن کي ڇڏي نفس ۽ شيطان جي چالن ۾ اچي ان رشتيدار کان ڳالهہ ٻولهہ، ڏيتي ليتي ۽ ٻيا معاملا ۽ لاڳاپا ختم ڪري ان کي سبق سيکارڻ ۽ هميشہ هميشہ جي لاءِ ان جو بائيڪاٽ ڪرڻ جو ارادو ڪندا آهيون، هاڻي اهو ويچارو اسان جي سامهون

www.dawateislami.net

هٿ ٻڌي بار بار معافي گهري، معذرت ڪري پر اسان ان کي بخشڻ جي لاءِ تيار نہ هوندا آهيون ۽ اسان کي ڪو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪري تہ ان کي بہ مات ڪرائي ڇڏيندا آهيون، حالانڪہ اسان جي پياري آقا، مني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي پاڻ ۾ دشمني رکڻ ۽ حسد رکڻ، لاڳاپا ختم ڪرڻ ۽ معذرت ڪرڻ واري جي معذرت کي رد ڪرڻ کان منع فرمايو آهي. جيئن.....

ياٽر بڻجي وڃو

نبيّ ڪريم،روفٌ رَّحيم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان دلنشين آهي: هڪ ٻئي کان منهن نہ موڙيو، نہ هڪ ٻئي سان دشمني ڪريو، نہ حسد ڪريو، نہ لاڳاپا ختم ڪرڻ وارا بڻجو ۽ الله جا ٻانهوءَ! ياٽر بڻجي وڃو، مسلمان مسلمان جو ياءُ آهي، نہ ان تي ظلم ڪندو آهي، نہ ان کي محروم ڪندو آهي، ۽ نہ ان کي ذليل ڪندو آهي. (مسلم،كتاب البر و الصلة،تحريم ظلم المسلم...الخ، ص ١٣٨٦، حديث: ٢٥٦٤ملتقطاًبتقدم وتاخر) هڪ هنڌ تي ارشاد فرمايو: وَمَن اعْتَذَرَ اِلٰى اَخِيْهِ الْمُسْلِمِ مِنْ شَيْءٍ بَلَغَهُ عَنْه فَلَمْ يَقْبِلْ عُذْرَه لَمْ يَرِدْ عَلَى الْحَوْضِ يعني جيڪو پنهنجي مسلمان ياءُ کان معذرت ڪري ۽ اهو ان جو عذر قبول نہ ڪري تہ ان کي حوض ڪوثر تہ حاضر ٿيڻ نہ نصيب ٿيندو. (معجم الاوسط،٣٧٦/٤،حديث:٦٢٩٥)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

ڳڏ رهڻ باوجود ناراضگي؟

منا منا اسلامي ياٽرو! غور ڪيو! جڏهن هڪ عام مسلمان کان بهتر سلوڪ ڪرڻ، ان کان محبت قائم رکڻ، تعلق ناهڻ ۽ ان کي نيائڻ جي ترغيب آهي تہ اهي ماڻهو جن سان اسان جي رت جا رشتا قائم آهن، مثال

www.dawateislami.net

طور والدين، پيٽ پائر، چاچا، پائيٽا ۽ ماما، پاٽيجا وغيره تہ انهن سان تہ اسان کي اجا وڌيڪ حسن سلوڪ ۽ خيرخواهي جو ورتاءِ ڪرڻ گهرجي ۽ رشتيدارن مان بہ وڌيڪ حسن سلوڪ جا مستحق تہ اسان جا والدين ۽ پيٽ پائر آهن، ماءُ پيءُ اهي جن اسان کي نپايو، اسان جي بهتر تربيت ڪئي، برائي پلائي ۾ فرق سيکاريو، پاڻ تڪليف سهي اسان جي لاءِ راحت جو ذريعو ڪيو، جڏهن تہ پيٽ پاءُ اهي آهن جيڪي اسان جي ننڍپڻ جا ساٿي آهن، چڱي بري وقت جا رفيق ۽ سڀ کان وڌيڪ اهو جو هڪ ئي ماءِ پيءِ جو اولاد آهيون، پر افسوس! جو اڄڪلهہ جيڪڏهن والدين پنهنجي اولاد کان ناراض آهن تہ اولاد بہ پنهنجي والدين کان پاسو ڪندي نظر اچي پيو، وڏا پيٽ پاءِ پنهنجي ننڍن کان ناراض آهن تہ ننڍا بہ پنهنجي وڏن پيٽ پائرن سان ادب واحترام سان پيش اچڻ لاءِ تيار ناهن، افسوس جو معمولي ناراضگين جي ڪري گڏ رهڻ جي باوجود ڪيئي ڏينهن تائين سڳن پائرن جي پاڻ ۾ ڳالهہ بولهہ بند رهندي آهي، ۽ جيڪڏهن پري رهندا هجن تہ ڪيئي مهينن تائين بلڪ ڪڏهن تہ سالن تائين هڪ ٻئي جي شڪل ڏسڻ پسند نہ ڪندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله اَستَغفِرُ الله!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

منا منا اسلامي پائرو! ڪامل مسلمان بڻجڻ جي لاءِ، نمازن ۽ سنتن جي عادت بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ معاشري جي ڪيئي بگڙيل ماڻهو دعوت اسلامي جي مدني ماحول جي برڪت سان سڌي راهہ تي اچي خوب نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائي رهيا آهن، دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ

www.dawateislami.net

تي پنهنجو پاڻ کي مختلف مدني ڪمن ۾ مشغول رکڻ واري هڪ عاشق رسول جي مدني بهار ٻڌون ٿا:

صداءِ مدينہ لڳائيندو آهيان!

مَٿرا (هند) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهه هيئن بيان آهي تہ ”مان هڪ مادرن نوجوان هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ منهنجو مشغلو هو، مڪتبةالمدينه کان جاري ٿيل بيان جي ڪيسيٽ ”T.V کي تباهڪاريان“ ٻُڌڻ جو شرف حاصل ٿيو، جنهن مون ۾ انقلاب برپا ڪري ڇڏيو، مان دعوت اسلاميءَ جي مدني ماحول سان ڳنڍجي ويس، مونکي Appendix جي بيماري ٿي وئي ۽ ڊاڪٽر آپريشن جو مشورو ڏنو مان گهبرائجي ويس ايتري ۾ دعوت اسلاميءَ جي هڪ مبلّغ جي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ زندگيءَ ۾پهريون ڀيرو عاشقانِ رسول سان گڏ دعوتِ اسلاميءَ جي سنّتن جي تربيت جي ٽن ڏينهن جي **مدني قافلي** جو مسافر بڻجي ويس، اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي جي برڪت سان بغير آپريشن منهنجي بيماري ختم ٿي وئي. اَلحَمدُلله عَزَّوَجَلَّ منهنجي جذبي کي مديني جا ٻارهن چنڊ لڳي ويا. هاڻي مان هر مهيني ٽن ڏينهن جي **مدني قافلي** ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندو آهيان ۽ هر مهيني **مدني انعامات** جو ڪارڊ جمع ڪرائيندو آهيان ۽ مسلمانن کي فجر جي نماز خاطر جاڳائڻ لاءِ گهمي ڦري ڪري **صداءِ مدينه** لڳائيندو آهيان. (فيضانِ سنت، ص۲۴۸)

بے عمل باعمل بنتے ہیں سَر بَسر — تُو بھی اے بھائی کر قافلے میں سفر
اچّھی صُحبت سے ٹھنڈا ہو تیرا جگر — کاش! کرلے اگر قافلے میں سفر

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

جيڪو اوهان سان ٽوڙي اوهان ان سان ڳنڍيو!

دعوتِ اسلامي جي اِشاعتي اِداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب

www.dawateislami.net

''بہشت کی کُنجیاں''نهايت ايمان افروز ڪتاب آهي، هن ڪتاب ۾ رنگ برنگي مدني گل انمول قيمتي خوشبو مهڪائي رهيا آهن، اچو ٻڌون ٿا: جنت ڇا آهي، جنت ڪٿي آهي؟ جنتون ڪيتريون آهن؟ جنت وارن جي عمر ڪيتري هوندي؟ جنت ۾ وڃڻ وار عمل ڪهڙا آهن؟ تلاوت قرآن جون برڪتون، شهادت واري درجي جو سولو طريقو، مسلمانن جي پرده پوشي جا فضائل، ماڻهن جون خطائون معاف ڪرڻ جي فضيلت ۽ ڪافي ديني معلومات سان ڀرپور اهو ڪتاب مڪتبة المدينه تان هديو ڏئي حاصل ڪري سگهجي ٿو، هن شاندار ڪتاب ۾ شَيخُ الحديث، حضرتِ علّامه مَولانا عبدُ المصطفٰي اَعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هنن حالتن ڏانهن اشارو ڪندي فرمائن ٿا: هن زماني ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين تي ماڻهو اهو چئي ڇڏيندا آهن ته مان اڄ ڪان تنهنجو ڀاءُ نه آهيان ۽ تو منهنجي ڀيڻ نه آهين، اهڙي طرح ڀاءُ ڀاءُ ڪي چوندو آهي ته مان اڄ ڪان تنهنجو ڀاءُ نه آهيان ۽ تون منهنجو ڀاءُ نه آهين، اهو قطع رحم يعني رشتن کي ٽوڙڻ آهي جيڪو حرام ۽ جهنّم ۾ وڃڻ وارو ڪم آهي، ان ڪري هر مسلمان کي هميشه ان جو خيال رکڻ گهرجي ته ڪنهن مائٽ کان تعلق نه ٽوڙي بلڪ هميشه ان ڪوشش ۾ لڳل رهي ته رشتيدارن سان تعلق قائم رهي ۽ ڪڏهن به رشتو نه ٽٽي، ڪي ماڻهو اهو چوندا آهن ته جيڪو مائٽ اسان سان تعلق رکندو اسان به ان سان تعلق رکنداسين ۽ جيڪو اسان سان جدا ٿيندو اسان به ان سان جدائي ڪنداسين، اهو چوڻ ۽ اهو طريقو به اسلام جي خلاف آهي (وڌيڪ فرمائن ٿا:) رشتيدارن سان تعلق ٽوڙڻ جي هڪ ئي صورت جائز آهي اها هي ته شريعت جي معاملي ۾ تعلق ٽوڙيو وڃي مثال طور ڪو رشتيدار جيتوڻيڪ قريبي رشتيدار ئي ڇو نه هجي، جيڪڏهن اهو مرتد (يعني اسلام کان ڦري وڃي) يا گمراه ۽ بد دين ٿي وڃي ته پوءِ ان کان تعلق ٽوڙڻ واجب آهي، يا ڪو رشتيدار ڪنهن ڪبيره گناهه ۾ گرفتار آهي ۽

www.dawateislami.net

منع ڪرڻ تي بہ پاسو نٿو ڪري بلڪ پنهنجي ڪبيره گناهه تي ضد ڪري قائم آهي تہ ان کان بہ قطع تعلق ڪرڻ ضروري آهي ڇوتہ ان سان تعلق رکڻ ۽ تعاون ڪرڻ ڄڻ تہ ان جي گناهه ڪبيره ۾ شرڪت ڪرڻ آهي ۽ اهو هرگز هرگز جائز ناهي. (بہشت کی کنجیاں،ص۱۹۷)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

صلہِ رحمي ڪرڻ هڪ مجبوري:

مٺا مٺا اسلامي پائرو! رشتيدارن جي حقن جي ادائگي ۽ انهن سان صلہِ رحمي ڪرڻ يقيناً سعادت جو سبب آهي پر اسان کي هن جو ڪامل فائدو ان صورت ۾ نصيب ٿيندو جڏهن اسان دل سان هن نيڪي کي ادا ڪيون، افسوس هاڻي رشتيداري بہ صرف نالي جي رهجي وئي آهي ۽ اڄڪلهہ صلہِ رحمي ڪرڻ ڄڻ تہ هڪ مجبوري بڻجي وئي آهي ڪي ماڻهو ظاهري طور تہ وڏا ملنسار لڳندا آهن پر انهن جو سينو مسلمانن جي ڪيني سان ڀريل هوندو آهي، ڪي نادان نفس ۽ شيطان جي ورغلائڻ تي ذاتي سببن جي ڪري يا هروڀرو رشتيدارن سان قطع تعلق ڪندا آهن ۽ دوستن تي دل کولي خرچ ڪندا آهن، پر هاءِ افسوس! پنهنجي والدين، ڀيڻ ڀائرن چاچن ڀائٽن ۽ ڀاڻيجن وغيره جي حقن کان بلڪل ئي غافل هوندا آهن، شادي وغيره جي تقريب هجي يا مبارڪ ڏينهن جي آمد، بزرگن جي ايصال ثواب جي نذر ونياز جو اهتمام هجي يا اجتماع ذڪر ونعت وغيره ڪن ماڻهن جو اهو معمول هوندو آهي تہ ان ۾ صرف انهن مائٽن کي دعوت ڏيڻ جي تڪليف ڪندا آهن يا انهن جي گهرن ۾ ڪاڏو وغيره موڪليندا آهن جيڪي انهن کي پنهنجي تقريبن ۾ سڏيندا آهن يا جن عزيزن سان انهن جا مفاد هوندا آهن، ان جي برعڪس جيڪي مائٽ ان جي ڪم نہ ايندا آهن يا ويچارا غربت ۽

www.dawateislami.net

مسڪيني جي ڪري ان کي پاڻ وٽ نٿا دعوت ڏين تہ اهڙن کي پنهنجي دعوت ۾ سڏائڻ تہ رهيو پر انهن سان سلام دعا جي حد تائين بہ تعلق رکڻ انهن کي نہ وڻندو آهي، ائين مستحق زڪوٰة رشتيدارن کي مسلسل نظر انداز ڪيو ويندو اهي، ايستائين جو ڪن خاندان ۾ ذاتي دشمنيون انهن کي فوتگي جي موقعي تي ڪفن دفن، جنازو نماز پڙهڻ ۽ تعزيت جي معاملي ۾ رڪاوٽ بڻجي ويندیون آهن، مطلب تہ رشتيدارن ۾ پهريان جيان محبت، خلوص ۽ خيرخواهي جو جذبو بلڪل ئي ختم ٿيندو پيو نظر اچي ڇو تہ اسان پاڻ انهن جي وچ ۾ درجہ بنديون ڪيون آهن اهڙن نازڪ حالتن کي ڏسي اهو اندازو لڳائڻ مشڪل ناهي تہ حقيقي صلۂ رحمي کي هاڻي هڪ بوجهہ سمجهيو ويندو آهي.

بھائی حق مت مارنا گھر بار کا
ورنہ ہوگا مستحق تُو نار کا

قريبي عزيزن سان قطع تعلق ڪرڻ ۽ مشڪل ۾ انهن جي ڪم نہ اچڻ جي مذمت بابت ڪجهہ عبرت آموز مبارڪ حديثون پڙهو، خوف خدا کان ڊڄو ۽ پنهنجي عزيزن سان سهڻي ورتاءُ ڪرڻ جي نيّت ڪريو.

1. اي امّت محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) قسم آهي ان ذات جو! جنهن مون کي حق سان گڏ موڪليو، الله تعاليٰ ان شخص جي صدقي کي قبول ناهي ڪندو جنهن جا عزيز ان جي پيلائي جا محتاج هجن ۽ هو غيرن کي ڏئي، قسم آهي ان ذات جو! جنهن جي دست قدرت ۾ منهنجي جان آهي الله تعاليٰ اهڙي شخص ڏانهن قيامت جي ڏينهن رحمت جي نظر نہ ڪندو.
(مجمع الزوائد، كتاب الزكاة، باب الصدقة... الخ، ٣/٢٩٧،حديث: ٤٦٥٢)

2. جيڪو شخص پنهنجي ڪنهن قريبي عزيز وٽ اچي ان جي حاجت کان علاوه واري اها شيء گهري جيڪا الله عَزَّ وَجَلَّ ان کي عطا ڪئي آهي پر

www.dawateislami.net

اهو ان تي بخل ڪري، تہ الله عَزَّوَجَلَّ جهنّم مان هڪ ازدهہ نانگ ڪڍندو جنهن جو نالو شجاع هوندو اهو زبان کي هلائي رهيو هوندو ۽ ان شخص جي ڳچي جو هار بڻجي ويندو. (معجم الاوسط، ١٦٧/٤،حديث:٥٥٩٣)

3. جنهن گناهہ جي سزا دنيا ۾ بہ جلدي ڏني وڃي ۽ ان جي لاءِ آخرت ۾ بہ عذاب جو ذخيرو رهندو، اهو بغاوت ۽ قطع رحم کي وڏيڪ ناهي.

(ترمذی ،کتاب صفة القيامة،باب:١٢٢،حديث :٢٥١٩، ٢٢٩/٤)

تعلقات ٽوڙڻ جي سزا

حضرت سيِّدُنا فَقِيہ اَبُوالليث سَمَرقَندِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ القوي "تنبيہ الغَافِلين" ۾ نقل ڪن ٿا، حضرت سيِّدنا يحيٰ بِن سُلَيم عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الباري فرمائن ٿا: مڪي پاڪ زَادَهَا اللهُ شَرَفًا وَّ تَعظِيمًا ۾ هڪ نيڪ شخص خراسان جو رهڻ وارو هو، ماڻهو ان وٽ امانتون رکرائيندا هئا. هڪ شخص ان وٽ ڏهہ هزار اشرفيون امانت طور رکرائي پنهنجي ڪنهن ضرورت سان سفر تي هليو ويو. جڏهن اهو واپس موٽيو تہ اهو خراساني فوت ٿي چڪو هو. هُن انهن جي وارثن کان پنهنجي امانت جو حال پڇيو، پر انهن لاعلمي ظاهر ڪئي. امانت رکرائڻ واري مڪي پاڪ جي عالمن کان پڇيو تہ مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ انهن چيو: اسان کي اميد آهي تہ اهو خراساني جنّتي هوندو توهان ائين ڪيو تہ اڌ رات يا رات جي ٽئين حصي گذرڻ کان پوءِ زم زم جي کوهہ وٽ وڃي ان جو نالو وٺي ان کان پڇجو، هن ٽي راتيون ائين ئي ڪيو، پر اتان ڪو جواب نہ مليو. ان ٻيهر وڃي عالمن کي ٻڌايو. انهن إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ پڙهي ڪري چيو "اسان کي ڊپ آهي تہ اهو شايد جنّتين مان ناهي،" توهان يمن وڃو اتي برهوت نالي وادي ۾ هڪ کوهہ آهي اتي وڃي اهڙي طرح آواز ڏي. ان ائين ڪيو تہ پهرين آواز ۾ جواب مليو، مون ان کي گهر ۾ فلاڻي جڳهہ تي دفن ڪئي آهي ۽ مون گهر وارن وٽ بہ امانت ناهي رکي، منهنجي پٺ وٽ وڃو

www.dawateislami.net

۽ انهيءَ جڳهه کي کوٽيو توهان کي ملي ويندي پوءِ ان ائين ڪيو تہ مال ملي ويو، مون ان کان پڇا ڪيو: تون تہ نيڪ هئين تون هت پهچي وئين؟ تہ ان چيو: منهنجا ڪجهہ رشتيدار خراسان ۾ هئا جن کان مون قطع تعلق ڪيو (يعني مائٽي ٽوڙي) انهي حالت ۾ مون کي موت اچي ويو انهي ڪري مون کي اها سزا ڏني وئي ۽ انهي جڳهه تي پهچايو ويو. (تنبيہ الغافلين ص۷۲ مُلَخّصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو! قطع رحمي يعني پنهنجي عزيزن مائٽن سان تعلق ختم ڪرڻ، ڪيڏو نہ برو آهي ان سبب ڪئي نيڪين جو اجر بہ ضايع ٿي ويندو آهي ۽ آخرت ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رحمت کان دوري بہ ٿي سگهي ٿي، عزيزن سان ڀلائي نہ ڪرڻ وارن ڏانهن قيامت جي ڏينهن الله ربُّ الْعِزَّت رحمت جي نظر نہ ڪندو، قدرت باوجود عزيز جي ضرورت پوري نہ ڪرڻ واري تي جهنّم جو هڪ وڏو نانگ مقرر ڪيو ويندو جيڪو ان قاطع رحم جي ڳچيءَ جو هار بڻجي ويندو، عزيزن سان تعلق ختم ڪرڻ واري کي آخرت سان گڏوگڏ دنيا ۾ سزا ڏني ويندي .

گناہ بے عدد اور جُرم بھی ہیں لاتعداد　　معاف کردے نہ سہہ پاؤں گا سزا یا ربّ

(وسائلِ بخشش، ص۷۸)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور اهي رشتيدار جن سان اٿڻ ويهڻ گهٽو هجي ۽ ميل ميلاپ بہ گهٽو هجي تہ انهن سان ناراضگي ۽ رنجيدگيءَ کي بہ گهٽو منهن ڏيڻو پوندو آهي، جيئن پيڻ ڀاءِ ڀاڻ ۾ وڏيڪ ويجها هوندا آهن ان ڪري عام طور تي انهن جي وچ ۾ بہ تعلقات خراب ٿيڻ جو انديشو رهندو آهي، پر جيڪڏهن اسان شريعت جي تقاضن ۽ اخلاقيات کي ملحوظ رکون تہ اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ انهن رنجشن ۽ ناراضگين جو دروازو بند ٿي ويندو، وڏن پيڻ ڀائرن تي ننڍن جا ڪهڙا حق آهن ۽ ننڍن تي پنهنجي وڏي پيڻ ڀائرن جا

www.dawateislami.net

حق ڪهڙا آهن، اچو اسان به ٻڌون ٿا، الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي عمل جي توفيق عطا ڪري، اٰمين

وڏن ڀيڻ ڀائرن تي ننڍن جا حق ۽ آداب

وڏي ڀاءُ ۽ وڏي ڀيڻ تي ننڍي ڀيڻ ۽ ڀائر جي حقن مان آهي ته

1. والدين جي وفات تي ننڍن ڀينرن ۽ ڀائرن جي پرورش ڪرڻ ۽ انهن جي سٺي تربيت ڪرڻ.
2. انهن جي زندگي جي ضرورت وارين شين کي پورو ڪرڻ ۽ هر مشڪل گهڙي ۾ انهن جو ساٿ ڏيڻ ۽ جيترو ٿي سگهي انهن جي مدد ڪرڻ ۽ دلداري ڏيڻ.
3. والدين جي حياتي ۾ به انهن سان شفقت ۽ محبت سان پيش اچڻ.
4. غيبت، چغلي، بدگماني ۽ حسد ته عام مسلمانن سان حرام آهي ته انهن سان ويتر وڌيڪ ناجائز آهي.
5. بَشري تقاضن سبب انهن سان ٿيندڙ غلطين کي معاف ڪرڻ ۽ هميشه جي لاءِ انهن سان نرمي وارو برتاؤ ڪرڻ.

ننڍن ڀيڻ ڀائرن تي وڏن جا حق ۽ آداب

اهڙي طرح ننڍن ڀينرن ۽ ڀائرن تي به وڏن ڀائرن ۽ ڀينرن، جا حق ۽ آداب هي آهن ته

1. انهن جي عزت ۽ احترام ڪندي انهن کي عزت جوڳو مرتبو ڏيڻ .
2. والدين جي غيرموجودگيءَ ۾ انهن کي والدين جو مرتبو ڏيڻ، انهن کي پنهنجو سرپرست ۽ رهنما سمجهڻ .
3. وس آهر انهن جي جائز حڪمن تي عمل جي ڪوشش ڪرڻ .
4. پاڻ کان ٿيندڙ غلطين تي پاڻ اڳتي وڌي معافي گهرڻ .

www.dawateislami.net

5. انهن جي دل ڏکائڻ کان پاڻ کي بچائڻ .

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اسان ۾ هنن مدني گلن تي عمل جي ڪوشش ڪيون ته اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان ڀيڻ ڀاءُ ۾ ٿيندڙ ناراضگين ۽ ان سبب پيدا ٿيڻ وارين دورين کان ڪافي حد تائين ڇوٽڪارو ملي ويندو، ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي جو ڀ قريبي عزيز پاڻ ۾ ناراض ٿي ويندا آهن ۽ ڪوشش باوجود پاڻ ۾ صلح صفائي جي ترڪيب ناهي ٿيندي، اهڙي موقعي تي اهي عزيز مشڪل جو شڪار ٿي ويندا آهن جيڪي ٻنهي کان تعلق رکندا هجن، ناراض عزيزن مان هر هڪ سان هڪ وقت ۾ ڪيئن ناهي رکجي ۽ ٻنهي کي ڪيئن خوش رکيو وڃي؟ اهو هڪ پريشان ڪُن معاملو آهي، اچو هن باري ۾ فتاويٰ رضويه شريف مان رهنمائي حاصل ڪيون ٿا:

حڪمت ڀريو جواب

اعلٰي حضرت، امامِ اَهلسنت مولانا شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰهِ تَعَالٰي عَلَيْه جي بارگاهه ۾ پيش ٿيل سوال جو خلاصو هي آهي ته ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي ۾ جو زيد جو هڪ چاچو ۽ هڪ ڀيڻ آهي، زيد پنهنجي چاچي ۽ ڀيڻ ٻنهي سان ملندو آهي پر هاڻي زيد جي ڀيڻ ۽ چاچي ۾ اٿبٽت ٿي وئي آهي ۽ زيد جي ڀيڻ پنهنجي سڳي ڀاءُ کي اهو چوي ٿي ته جيڪڏهن تون پنهنجي چاچي سان ملندي ته آئون تو سان نه ملنديس، اتفاقاً زيد جي شادي جو وقت ويجهو اچي ويو ۽ زيد جي ڀيڻ جو چوڻ آهي جيڪڏهن چاچي کي شادي ۾ سڏ ڏنو ته مان ان ۾شرڪت نه ڪنديس، هن صورت ۾ چاچي جي دل آزاري جو انديشو آهي ۽ جيڪڏهن چاچي کي سڏيندو ته ڀيڻ کي صدمو ٿيندو، اهڙي حالت ۾ زيد کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ ڇا زيد کي پنهنجي ڀيڻ جو

www.dawateislami.net

چوڻ مجي چاچي کي شادي ۾ نہ سڏي يا پنهنجي ڀيڻ کي ڇڏي چاچي کي سڏي؟

سرڪار اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن جو جواب ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: ڀيڻ ۽ چاچو ٻئي ذي رِحم مَحرَم آهن، ڪنهن سان قطعِ رِحم ڪرڻ جائز ناهي، زيد کي گهرجي تہ پنهنجي ڀيڻ کي جنهن طرح ممڪن ٿئي راضي ڪري، جيتوڻيڪ پوشيده طور پنهنجي چاچي کي شادي ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏئي ۽ پنهنجي ڀيڻ کي چوي تہ مون کي تنهنجي مرضي هر طرح سان منظور آهي، نہ ان کي سڏيندس، نہ شريڪ ڪندس، البت ايترو تون کي چاهيان ٿو تہ جيڪڏهن اهي پاڻ اچي وڃن تہ ان تي مون سان ناراض نہ ٿجان، ڇوتہ اهي تنهنجي ۽ منهنجي پيءُ جي جڳهہ تي آهن، اجنبي ماڻهو (بہ ڪنهن دعوت ۾) بنا دعوت جي اچي وڃن تہ ان کي ڪيڏ بدتميزي آهي، هي تہ پيءُ (ڇوتہ چاچو پيءُ جي قائم مقام هوندو آهي) مطلب تہ ڪوڙا سچا ڪي جملا چئي ٻنهي کي راضي ڪري ان تي بہ ثواب ملندو، زيد پنهنجي ڀيڻ کي اهو جملو "مان ان کي دعوت نہ ڏيندس" چوڻ سان مراد اهو وٺي تہ مان پاڻ ان کي سڏڻ نہ ويندس بلڪ ماڻهو يا خط موڪليندس، (۽ چاچي جي) "پاڻ اچڻ" مان اهو مراد وٺي تہ اهو پنهنجي پيرن سان اچي نہ اهو جو مان ان کي ڪٽي ايندس، بہ رخي ڳالهہ ڪري، ڪوڙن سچن جملن مان مراد جنهن جو ظاهر ڪوڙ ۽ مرادي معني سچ (جنهن کي عربي ۾ "توريہ" چيو ويندو آهي) حديث ۾ فرمايو: اِنَّ فِي الْمَعَارِيضِ لَمَنْدُوحَةً عَنِ الْكَذِبِ. يعني بيشڪ اشارن سان گفتگو ڪرڻ ۾ ڪوڙ کان آزادي آهي۔ (السنن الكبرىٰ، كتاب الشهادات، باب المعاريض فيهامندوحة۔۔۔الخ،۱۰/۳۳۶، حديث: ۲۰۸۴۳،ازفتاوىٰ رضويہ، ۲۴/۳۴۴،ملخصاً)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏٺو تہ سرڪار اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه سوال ڪرڻ واري کي شرعي ضرورت جي ڪري توريہ جي ترغيب ارشاد

www.dawateislami.net

فرمائي، شرعي عذر جي ڪري توريہ ڪرڻ سان انسان ڪوڙ ڪان بچي ويندو آهي پر ياد رهي! توريو ڪرڻ جون مخصوص صورتون آهن، بنا ضرورت توريہ ڪرڻ شرعاً ناجائز آهي جيئن تہ صَدْرُالشَّريعہ، بَدْرُالطَّريقه مُفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: توريہ يعني لفظ جا ظاهري معنيٰ جيڪا آهي اها غلط آهي پر چوڻ واري ٻي معنيٰ مراد ورتي آهي، جيڪا صحيح آهي، ائين ڪرڻ بنا ضرورت جائز ناهي ۽ ضرورت هجي تہ جائز آهي، توريہ جو مثال، توهان ڪنهن کي ڪاڏي جي لاءِ گهرايو اهو چوي ٿو تہ ”مون ڪاڏو ڪائي ورتو“ پر اهو مراد اهو وٺي تہ ڪلهہ ڪاڏو هو اهو بہ ڪوڙ ۾ داخل آهي، (ان ڪري جو هتي توريو ڪرڻ جائز نہ هو) (بہارشريعت، ۵۱۸/۳،حصہ۱۶ملخصاً)

فتاويٰ رضويہ جي سوال جواب مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ ڪنهن هڪ عزيز جي چوڻ تي بنا شرعي سبب ڪنهن ٻي عزيز کان قطع تعلق ڪرڻ شرعي طور منع آهي، عام طور اهڙي موقعي تي انصاف جا تقاضا پورا ڪرڻ مشڪل ٿي ويندا آهن ۽ هن موڙ تي وڏن وڏن جا پير ٽِڙي پوندا آهن پر همت سان ڪم وٺو رب تعاليٰ جي رحمت تي نظر رکو ۽ هن حديث پاڪ: حڪمت مؤمن جو گمشده خزانو آهي. (ترمذی، کتا ب العلم، با ب ماجاء فی فضل الفقہ علی العبادة،۳۱۴/۴، رقم: ۲۶۹۶) ڪي سامهون رکندي حڪمت عملي ۽ ديانتداري سان اهڙي تدبير اختيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو جو ڏُرين ۾ صلح جي ترڪيب ٿي وڃي ۽ ڪنهن جي حق تلفي بہ نہ ٿئي، ڇو تہ ڪنهن هڪ ڏر جي ڳالهہ تسليم ڪرڻ سان قطع رحم لازم ايندو جيڪو ناجائز ۽ حرام آهي اهڙو حڪم مڃڻ بہ شرعاً جائز ناهي جو جنهن سبب خالق ۽ مالڪ عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني لازم ايندي هجي، جيئن حبيب ڪبريا، احمد مجتبيٰ، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: لَا طَاعَةَ لِمَخْلُوقٍ فِيمَعْصِيَةِ الْخَالِقِ يعني خالق عَزَّوَجَلَّ جي نافرماني ۾

www.dawateislami.net

ڪنهن مخلوق جي اطاعت جائز ناهي۔ (معجم کبير، ١٨/١٧٠، حديث:٣٨١)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

رِسالو" هٿوهٽ پڦي سان صلح ڪري ورتو" جو تعارُف

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! والدين، ڀيڻ ڀاءُ ۽ ٻين عزيزن سان حسن اخلاق، خيرخواهي ۽ صلۂ رحمي جي سوچ پيدا ڪرڻ جي لاءِ شيخ طريقت، اَمِيرِ اهلسنّت حضرت علامہ مولانا ابُوبلال محمد الياس عطارقادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه جو تحرير ڪيل رسالو "**هٿوهٽ پڦي سان صلح ڪري ورتو**" جو مطالعو ڪرڻ نهايت فائديمند آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن رسالي ۾ صلۂ رحمي جي وصف، بهترين شخص جون خاصيتون، صلۂ رحمي جا 7 مدني گل، رشتيدارن سان حسن سلوڪ جو صورتون، تعلق ٽوڙڻ جي سزا، حسن ظن رکڻ جو طريقو ۽ ڪوڙ ساري معلومات جو انمول خزانو موجود آهي، تنهنڪري اڄ ئي هن رسالي کي مڪتبة المدينہ جي بستي تان هديو ڏئي حاصل ڪريو، پاڻ بہ هن جو مطالعو ڪيو ٻين اسلامي ڀائرن کي بہ ترغيب ڏيو، دعوت اسلامي جي ويب www.dawateislami.net تان هن رسالي کي پڙهي سگهجي ٿو، ڊائون لوڊ (Download) ۽ پرنٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

بيان جوخُلاصو:

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! اڄ جي بيان ۾ اسان ٻڌو تہ **صلۂ** رحمي جو مطلب آهي رشتيدارن (عزيزن) سان چڱو ورتاء ڪرڻ آهي.

- صِله رحمي (رشتيدارن سان حُسنِ سُلُوڪ) جي برڪت سان رزق، مال ۽ عمر ۾ برڪت ٿيندي آهي.

www.dawateislami.net

- رشتيدارن عزيزن يتيمن، بي سهارن سان صلۂ رحمي جي ذريعي قرآني حڪم تي عمل ڪري ثواب جو انبار جمع ڪري سگهجي ٿو.
- صلۂ رحمي جي برڪت سان ڪيئي خانداني جهيڙا ختم ڪري گهرن ۾ رنجشون ختم ڪري سگهجن ٿيون.
- صِله رحمي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي خوشنودي حاصل ڪري سگهجي ٿي.
- ڪنهن مسلمان جي طرفان معافي ۾ اڳرائي ڪرڻ تي بہ بنا شرعي عذر جي ان کي معاف نہ ڪرڻ قيامت جي ڏينهن حوض ڪوثر تي حاضري کان محرومي ٿي سگهي ٿي.
- بنا شرعي عذر جي رشتن کي ٽوڙڻ، حرام ۽ جهنم ۾ وڃڻ وارو ڪم آهي، ان ڪري اسان کي پاڻ بہ ان کان بچڻو آهي ۽ ٻين مسلمان کي بہ ان کان بچڻ جي ترغيب ڏيارڻ جو سلسلو جاري رکڻو آهي.
- صِلهِ رحمي جي برڪت سان اسان جا ڪيئي غريب ۽ نادار مٽ مائٽ اسان جي ٿوري نرمي ۽ محبت جي ڪري شادين ۽ عيدن جهڙين خوشين تي اسان سان گڏ شامل ٿي سگهن ٿا.
- بنا شرعي عذر جي عزيزن سان پلائي نہ ڪري ڪثير صدقو ۽ خيرات ڪندي بہ، الله تعاليٰ جي رحمت جي نظر کان محرومي ٿي سگهي ٿي.
- پنهنجي عزيزن جي چڙ ڏيارينڊڙ ڳالهين کي خوشي سان برداشت ڪرڻ وارو، انهن جي ڪاوڙ کي نظر انداز ڪرڻ وارو ۽ تعلق بحال ڪرڻ جي لاءِ انهن سان معذرت ڪرڻ وارو ظاهري طور پاڻ کي ڪمتر محسوس ڪري رهيو آهي پر حقيقت ۾ رب تعاليٰ جي بارگاهه مان عاليشان مرتبا ماڻي رهيو آهي.

اسان کي بہ گهرجي ظاهري طور نظر ايندڙ تڪليفن کي آخرت ۾ ملڻ

www.dawateislami.net

وارن انعامن جو بدلو سمجهندي قبول ڪيون ۽ پنهنجي عزيزن ۽ ٻين سيني مسلمانن سان بہ حسن سلوڪ سان پيش اچون، الله عَزَّوَجَلَّ عمل جي توفيق عطا فرماءِ. اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم صداءِ مدينہ لڳائڻ بہ آهي

مٿا مٿا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جي لاءِ ذيلي حلقي جا 12 مدني ڪمن ۾ وڏ ڪان وڏ حصو ونو، انهن 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم روزانو "صداءِ مدينہ لڳائڻ" بہ آهي، دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ مسلمانن کي فجر نماز جي لاءِ جڳائڻ کي "صداء مدينہ لڳائڻ" چيو ويندو آهي، اڄ جڏهن مسلمان دين کان گهڻو پري آهن ۽ هن دُوريءَ ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو ٿيندو پيو وڃي ۽ ماڻهو فڪرِ آخرت کان بي خبر ٿي دنيا ۾ مگن آهن، سنّتون ۽ نفل پڙهڻ تہ رهيو پري، اڪثريت فرض نمازون ڄاڻي واڻي ڇڏي ڏيندي آهي، انهيءَ ڪري اسان جون مسجدون ويران آهن، اهڙي ۾ انهن کي ٻيهر آباد ڪرڻ جو عزم ڪرڻ ۽ ان کي پورو ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ يقيناً سعادت کان گهٽ ناهي، اوهان کان بہ درخواست آهي اوهان بہ مسجدن کي آباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو، خاص ڪري فجر نماز جي لاءِ وڏ کان وڏ صداءِ مدينہ لڳايو ۽ مسجدن کي آباد ڪرڻ ۾ دعوت اسلاميءَ جو ساٿ ڏيو، منقول آهي تہ امير المومنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جو اهو معمول هو جو اوهان ماڻهن کي نماز جي لاءِ بيدار ڪندا هئا، جڏهن فجر نماز جي لاءِ تشريف وني ايندا هئا تہ واٽ ۾ ماڻهن کي جڳائيندي ايندا هئا ۽ فجر جي اذان کان هڪدم پوءِ مسجد ۾ جيڪڏهن ڪو ستل هوندو هو تہ ان کي جڳائيندا هئا. (طبقات كبرىٰ، ذكر استخلاف عمر، ٣/٢٦٣)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

www.dawateislami.net

ڳالهه ٻولهه جا اهم مدني گل

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اچو شيخِ طريقت، اميراهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رسالي "101 مدني گل مان ڳالهه ٻولهه جي باري ۾ ڪجهه اهم مدني گل ٻڌون ٿا.

۞ مسڪرائي ۽ خوش اخلاقيءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪيو ۞ مسلمانن جي دلجوئي جي نيّت سان ننڍين سان شفقت وارو ۽ وڏن سان ادب وارو لهجو اختيار ڪيو. ۞ وڏي آواز سان ڳالهائڻ کان حد درجي احتياط ڪيو ۞ ڪٽي هڪ ڏينهن جو ٻار هجي سنين سنين نيتن سان ان سان به اوهان توهان سان گفتگو ڪرڻ جي عادت بڻايو، اوهان جا اخلاق به ان شآءَالله عَزَّوَجَلَّ عمدا ٿيندا ۽ ٻار به آدب سڪندو ۞ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت پردي جي جاءِ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين سان بدن تان مير لاهڻ، ٻين جي سامهون بار بار نڪ کي هٿ لڳائڻ، يا نڪ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪ اڇلائڻ سني ڳالهه ناهي ۞ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي تہ اطمينان سان ٻُڌو، ڳالهه ڪٽڻ کان بچو ڪنهن سان ڳالهه ٻولهه ڪجي تہ ان جو ڪو صحيح مقصد به هئڻ گهرجي ۽ هميشہ مخاطب جي ظرف ۽ ان جي نفسيات جي مطابق ڳالهه ڪئي وڃي ۞ بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر وقت پرهيز ڪريو، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ ڪنهن مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ حرامِ قطعي آهي. (فتاوي رضويه، ج 21 ص 127) ۽ بي حيائي جي ڳالهه ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. تاجدار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: "اُن شخص تي جنت حرام آهي جيڪو فُحش گوئي (بي حيائي جي ڳالهه) کان ڪم وني ٿو."

(كتاب الصمت مع موسوعه الامام ابن ابي الدنيا ج 7 ص 204، رقم 325)

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مكتبة المدينه جا شايع ٿيل به ڪتاب "**بهارشريعت**" حصو 16 (304 صفحا) ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پَرْوَرْدِگار　　سنّتوں کی تَربِیَت کے قافلے میں بار بار

www.dawateislami.net

دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

(1) جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[2]

(2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[3]

---

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

(3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[4]

(4) چهلک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِي کن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ پيرو پڙهڻ سان چهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[5]

(5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ءِ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[6]

---

[4]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[5]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[6]...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

(6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[7]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

(1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[8]

(2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[7] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[8] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

www.dawateislami.net